امير اهلسنت کان

# غوثِ پاک

جي باري ۾ سوال جواب

سنڌي



پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي
پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **اميرِ اهلِ سنّت کان غوثِ پاڪ جي باري ۾ سوال جواب**

ڇاپو پهريون: ربيع الغوث 1444هه، آڪٽوبر 2022 ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ
۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علام
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

# اميرِ اهلِ سنّت کان غوثِ پاڪ جي باري ۾ سوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**
UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
Email: translation@dawateislami.

# فهرست


اميرِ اهلِ سنّت کان غوثِ پاڪ جي باري ۾ سوال ................ 1

درود شريف جي فضيلت .................................. 1

اَلْحَمْدُلِلّٰه چوڻ افضل دعا آهي .................................. 3

پراڻي زماني کان بيعت جو سلسلو جاري آهي .................... 7

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# اميرِ اهلِ سنّت کان غوثِ پاڪ جي باري ۾ سوال

هي رسالو اميرِ اهلِ سنّت دامت بَرَكَاتُہم العالیہ کان ڪيل سوال ۽ ان جي جوابن تی مشتمل آهي

دعاءِ جانشين اميرِ اهلِ سنّت: يا الله پاڪ جيڪو بہ هي رسالو ”اميرِاهلسنّت کان غوثِ پاڪ جي باري ۾ سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي غوثِ پاڪ جي نقش قدم تي هلاءِ، نيڪ ٻڻاءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.
اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهندو مان ان جي شفاعت فرمائيندس. (القول البديع، ص 117)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

سوال: حُضورِ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادتِ مبارڪ ڪڏهن تي؟

جواب: منهنجي مرشد، حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت رمضانُ المبارڪ جي پهرين تاريخ سومر جي ڏينهن صبح صادق جي وقت تي، اُن وقت پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا چپ مبارڪ آهستي آهستي چُري رهيا هئا ۽ زبان تي ”الله، الله“ ذڪر جاري هيو. (الحقائق فی الحدائق، ص 139) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت ڇوته رمضانُ المبارڪ ۾ تي انهيءَ ڪري پاڻ پهرين ڏينهن کان ئي روزو رکيو. پاڻ سحري کان وٺي اِفطار تائين

يعني صبح صادق کان وني سج لهڻ تائين پنهنجي امڙ سائڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهَا جو کير نہ پيئندا هئا. جيئن تہ غوثُ الثقلين، شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي والده ماجده رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهَا فرمائن ٿيون: جڏهن منهنجو پٽ عبدالقادر پيدا ٿيو تہ رمضان شريف ۾ سڄو ڏينهن کير نہ پيئندو هو.
(بہجۃ الاسرار ، ص 172 ) (ملفوظاتِ امیر اہل سنت، 426/1)

غوثِ اعظم متقی ہر آن میں
چھوڑا ماں کا دُودھ بھی رَمضان میں

سوال: ٻڌو آهي غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي والده ماجده جي پيٽ ۾ ئي نڇ جو جواب ڏيندا هئا؟

جواب: جي ها. منهنجو غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جڏهن پنهنجي امڙ جي پيٽ ۾ هو تہ جڏهن سندن امڙ سائڻ کي نڇ ايندي هُئي ۽ اها اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه چوندي هئي تہ پاڻ جواب ۾: يَرۡحَمُكَ الله چوندا هئا. (الحقائق فی الحدائق، ص 139)

اڄڪلهہ تہ وڏن وڏن کي يَرۡحَمُكَ الله چوڻ نہ ايندو هوندو. نڇ جي جواب ۾ عورت جي لاءِ يَرۡحَمُكِ الله ۽ مرد جي لاءِ يَرۡحَمُكَ الله چونداسين. منهنجا مرشد غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه ماءُ جي پيٽ ۾ بہ مسئلا ڄاڻيندا هئا ڇوتہ پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه پيدائشي ولي هئا. اسان جي حالت هي آهي جو اسان کي نڇ اچڻ تي ڇا ڪرڻو آهي ۽ نڇ جو جواب ٻڌي ڪري ڇا چوڻو آهي ڪجهہ بہ معلوم ناهي هوندو ۽ اسان جي وڏي اڪثريت نڇ تي اَلۡحَمۡدُلِلّٰه ناهي چوندي حالانڪ هي سنّت آهي بلڪ نڇ اچڻ تي الله جو حمد ڪرڻ يعني اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه چوڻ کي تفسير خزائنُ العرفان ۾ طحاوي جي حوالي سان سُنّتِ مؤکده لکيو ويو آهي. (تفسیر خزائن العرفان، پ 1 ، الفاتحہ، تحت

الآية: 1، ص 3) تجربو اهو آهي تہ ڪجھ ماڻهو اهڙا هوندا آهن جن جي ٻنچ اچڻ تي الحمدُلِلّٰه نہ چوڻ جي عادت پڪي ٿي ويندي آهي جيڪڏهن انهن کي بار بار چئو تڏهن بہ اُهي اَلْحَمْدُ لِلّٰه ناهن چوندا. ٻنچ جو جواب ايتري آواز سان ڏيو جو ٻنچ ڏيڻ وارو ٻڌي وٺي واجب آهي جيڪڏهن ڪوبہ جواب نہ ڏيندو تہ سڀ گنهگار ٿيندا. (رد المحتار ، 683/9 ملتقطاً) پر ماڻهو جواب ناهن ڏيندا ۽ نہ ئي انهن کي ان باري ۾ خبر هوندي آهي. منهنجي مرشد غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي ماءُ جي پيٽ ۾ بہ ٻنچ جي جواب جي خبر هئي، حالانڪ سندن تي اهو واجب نہ هو ڇوتہ نابالغ تي جواب واجب ناهي هوندو، نابالغ ئي ڇا غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تہ اڃا ماءُ جي پيٽ ۾ ئي هئا، هي غوثِ پاڪ جي ڪرامت هئي ۽ الله پاڪ جي طرفان هيءُ ٻڌائڻو هو تہ اچڻ وارو ڪو عام شخص نہ بلڪ ولين جو سردار آهي. بهرحال جڏهن ٻنچ اچي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه چوڻ گهرجي ۽ مسلمان اَلْحَمْدُ لِلّٰه ٻڌي تہ ان تي ”يَرْحَمُكَ الله“ چوڻ واجب ٿي ويندو.

(ملفوظاتِ امير اہل سنت، 424/1-425)

## اَلْحَمْدُلِلّٰه چوڻ افضل دعا آهي

حمد بيان ڪرڻ جي لاءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰه چوڻ نهايت ئي جامع آهي ۽ ان جي باري ۾ حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو: اَفْضَلُ الدُّعَاءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰه يعني اَفضل دُعا اَلْحَمْدُ لِلّٰه چوڻ آهي. (ترمذی، 248/5، حدیث: 3394) بهتر اهو آهي تہ ٻنچ ڏيڻ وارو اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَال چوي ۽ ٻڌڻ واري تي واجب آهي تہ فوراً ”يَرْحَمُكَ الله“ يعني الله توتي رحم فرمائي“ چوي ۽

هي ايتري آواز سان چوي جو ڇڪ ڏيڻ وارو پاڻ ٻڌي وٺي صرف دل ۾ ” يَرۡحَمُكَ الله“ چوڻ ڪافي ناهي. (رد المحتار، 684-683/9 ماخوذاً) جواب ٻڌي ڪري ڇڪ ڏيڻ وارو ”يَغۡفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمۡ يعني الله پاڪ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي.“ يا ”يَهۡدِيۡكُمُ اللهُ وَيُصۡلِحُ بَالَكُمۡ الله پاڪ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال درست ڪري“ چوي. (فتاوٰی ہندیہ، 326/5) ۽ اهو چوڻ انهيءَ ڪري مستحب يعني ثواب جو ڪم آهي. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص 320) جيڪڏهن نہ چوندو تہ گنهگار نہ ٿيندو. جيڪڏهن انهن مان ڪير بہ هڪ دُعا چئي وٺندو تہ مستحب ادا ٿي ويندو. (ملفوظاتِ امیر اہل سنت، 425/1)

سوال: غوثِ پاڪ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه (جي ننڍپڻ) جو ڪو واقعو ٻڌايو.

جواب: غوثِ اعظم سَيّد شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جڏهن مان ننڍڙو هيس تہ حج جي ڏينهن ۾ مون کي جهنگل وڃڻو پيو تہ اتي مان هڪ ڏاند جي پويان پويان هلڻ لڳس جيئن ٻار عام طور تي ايئن ڪندا آهن. اُن ڏاند مون ڏانهن ڏسي ڪري چيو: اي عبدالقادر! توکي اهڙي قسم جي ڪمن جي لاءِ پيدا ناهي ڪيو ويو. مان گهٻرائجي گهر واپس اچي ويس ۽ امڙ کي عرض ڪيو: امي جان! مون کي دل سان راهِ خدا ۾ بغداد وڃڻ ڏيو تہ جيئن مان اُتي وڃي ڪري علمِ دين حاصل ڪيان ۽ نيڪ ٻانهن کي ڏسي سگهان. امڙ سائڻ مون کان ان جو سبب پُڇيو تہ مون ڏاند وارو واقعو ٻڌايو. اهو ٻڌي ڪري امڙ جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ۽ منهنجي بابا سائين جي مال مان جيڪو منهنجو حصو هو اهو مون وٽ کڻي آئي يعني 80 سون جا سڪا، مون انهن مان 40 سون جا سڪا کنيا ۽ باقي 40

پنهنجي ياءُ جي لاءِ ڇڏي ڏنا. امڙ سائڻ ان رقم کي منهنجي قميص ۾ سُبي ڇڏيو ۽ بغداد وڃڻ جي اجازت ڏيندي مون کي هر حال ۾ سچ ڳالهائڻ جي نصيحت فرمائي ۽ فرمايو: پُٽ توکي الله پاڪ جي رضا جي لاءِ پاڻ کان پري ڪري رهي آهيان ۽ هاڻي مون کي تنهنجو چهرو قيامت جي ڏينهن ئي ڏسڻ نصيب ٿيندو. (بہجۃ الاسرار،ذکر طریقہ،ص167-168 )

هن حڪايت مان خبر پئي ته اسان جي غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ٻاروتڻ ۾ ئي علمِ دين حاصل ڪرڻ جو شوق ٿي ويو هو، انهيءَ ڪري علمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي امڙ سائڻ کان اجازت ورتي ۽ والده محترمه به سڄي زندگي جي لاءِ راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. هي هڪ اهڙو سچو واقعو آهي جنهن ۾ هر ماءُ ۽ هر ٻار جي لاءِ بهترين درس آهي. اسان کي به علمِ دين حاصل ڪرڻ گهرجي. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت، 283/4-284)

سوال: پيرانِ پير، حضرتِ شيخ عبدالقار جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو حليو مبارڪ ڪهڙو هيو؟

جواب: بهجةُ الاسرار شريف جي حوالي سان حضرت شيخ ابوعبدُالله بن احمد بن قُدامه مَقْدِسِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته اسان جي امام شيخ الاسلام محيُّ الدين سيّد عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ضعفُ البدن يعني ظاهري طور ڪمزور بدن وارا، وچولي قد، ڪليل سيني، چوڙي ڏاڙهي، ڊگهي گردن، گندمي رنگ، مليل ڀرون، سياه اکيون، بلند آواز، ۽ ڪثير علم ۽ فضل وارا هئا يعني پاڻ تمام وڏا عالم ۽ مفتي به هئا. ( بہجۃ الاسرار ، ص174 ) (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت، قسط: 180، ص 8)

سوال: حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عربي هئا يا عجمي؟ (هند کان سوال)

جواب: حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عجمي هئا. (بہجۃ الاسرار، ص 58 ماخوذاً) ياد رهي! جيڪو عربي نہ هجي اهو عجمي سڏرائيندو آهي جهڙي طرح اسان عجمي آهيون. (ملفوظاتِ امیر اہل سنت، 490/1)

سوال: هن شعر جو ڇا مطلب آهي؟

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا
اونچے اونچوں کے سروں سے قدم اعلیٰ تیرا

(حدائقِ بخشش،ص 19)

جواب: "واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا" يعني اي منهنجا مرشد! اي منهنجا غوثِ پاڪ! توهان جو بہ ڇا شان آهي! ڇامقدر آهي! ۽ ڇا مرتبو آهي! توهان جو مرتبو وڏو مٿانهون آهي. "اونچے اونچوں کے سروں سے ہے قدم اعلیٰ تیرا" يعني اي منهنجا غوث پاڪ! توهان جو سر مبارڪ نہ بلڪ قدم مبارڪ اوچي مرتبي وارن کان بہ اعليٰ آهي. هتي " اونچے اُونچوں" مان مراد اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم آهن، اَنبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان مراد نہ آهن. اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم ۾ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وڏو اعليٰ مقام ۽ مرتبو آهي. (ملفوظاتِ امیر اہل سنت، 423/1)

سوال: قادري جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو نالو عبدالقادر آهي تہ جيڪو شخص سندن سلسلي ۾ مُريد ٿيندو ان کي سندن نالي جي نسبت سان قادري چيو ويندو آهي. (ملفوظاتِ امیر اہل سنت، 525/1)

سوال: ڇا غوثِ پاڪ جو مريد ٿيڻ قرآنِ پاڪ مان ثابت آهي؟

جواب: وسيلو تلاش ڪرڻ قرآن پاڪ مان ثابت آهي جيئن تہ سيپاري 6 سوره مائده جي آيت نمبر 35 ۾ ارشاد رَبُّ العباد آهي: يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْۤا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ (پ 6، المائدة: 35) ترجموڪنزالايمان: ”اي ايمان وارؤ! اللّٰہ کان ڊڄو ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو“ هن آيت مبارڪ کي عُلماءِ حق ڪنهن کي پير بڻائڻ جو دليل بڻايو آهي. ظاهر آهي پير خدا يا نبي ناهي هوندو بلڪ جنهن کي اسان پير بڻائيندا آهيون اهو اسان کي اللّٰہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ پهچائڻ وارو هڪ وسيلو ۽ ذريعو هوندو آهي تہ هن معنيٰ ۾ قرآن مان ثابت آهي. سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ مختلف موقعن تي بيعتون ورتيون آهن جيئن بيعتِ رضوان هيءَ گهڻو مشهور بيعت آهي، جيڪو توري گهڻي معلومات رکندو آهي ان کي بيعت رضوان جي باري ۾ معلوم هوندو آهي، اهڙي ريت ڪجهہ موقعن تي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن کان هن ڳالهہ تي بيعت ورتي تہ اهو ڪنهن کان سُوال نہ ڪندو.[1] ۽ ڪنهن کان هيئن بيعت ورتي تہ دُنيا کان پري رهندو. اهڙي طرح جي بيعتن جو ذڪر حديثن مبارڪن ۾ موجود آهي. (ملفوظاتِ امير اہل سنت، 429/1)

## پراڻي زماني کان بيعت جو سلسلو جاري آهي

بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم کان بيعت جو سلسلو پراڻي زماني کان هلندو پيو اچي، ايسيتائين جو اسان جا مُرشد غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

---

1...جن صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کان سوال نہ ڪرڻ جي بيعت ورتي وئي هئي انهن مان هڪ عوف بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه بہ هو. (ابو داود، 169/2، حديث: 1642 ماخوذاً)

مشهور بزرگ آهن ۽ سندن بزرگي جو انڪار شايد ڪير بہ نہ ڪندو پر پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو بہ پير صاحب هو جن جو نالو حضرتِ شيخ ابو سعد مبارڪ مخزومي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ آهي. (تذكرۂ مشائخ قادريہ، ص 96) غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جا ڪافي خليفا هئا، جن ۾ حضرت شيخ علي بن هيتي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ سڀ کان پهريون خليفو هو، پوءِ انهن خليفن جا بہ اڳتي خليفا هئا، تہ ايئن اڄ تائين قادري سلسلو هلندو اچي پيو. غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان اڳتي هلون تہ شيخ ابو سعد مُبارڪ مخزومي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو پير هو، پوءِ اڳتي انهن جو بہ پير صاحب هو، ايسيتائين جو مشهور بزرگ حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بہ اسان جي پيرن مان آهن. اهڙي طرح حضرتِ شيخ معروف ڪرخي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ۽ حضرت سري سقطي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بہ اسان جي پيرن منجهان آهن، اسان جي غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ سان اهڙي طرح سلسلو هلندي هلندي حضرتِ امام زينُ العابدين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تائين پهچي ٿو ۽ پوءِ ان جا پير صاحب حضرتِ امام حسن رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ آهن ۽ پوءِ ان جا والدِ محترم مولا مشڪل حضرت عليُّ المُرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ سندن پير آهن ۽ پوءِ مولا مشڪل ڪشا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا خليفا هئا تہ هي سلسلي جي صورت ۾ ڪڙيءَ سان ڪڙي مليل آهي، ان جو انڪار بزرگن ناهي ڪيو هاڻي بہ اُمّت جي اڪثريت هن شيءِ کي مڃي ٿي.
(ملفوظاتِ امير اہل سنت، 1/429-430)

سوال: غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي والد صاحب کي جنگي دوست چو چيو ويندو آهي؟ (رُڪنِ شوريٰ جو سُوال)

جواب: غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جا والد صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ نيڪي جي دعوت

ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ ۾ اڳيرا هئا، گناهه ڏسي ان کان برداشت ڪونه ٿيندو هو. مڪتبةُ المدينہ جي ڪتاب ”غوث پاڪ جا حالات“ صفحي 16 تي آهي تہ حضرتِ اَبُوصَالح سَيّد مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو لقب ”جنگي دوست“ انهي ڪري پيو جو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه خاص الله جي رضا جي لاءِ پنهنجي نفس کي ماريندا ۽ عبادت ۾ ڪافي ڪوشش ڪرڻ وارا هئا ۽ رياضت ڪرڻ وارا هئا، نيڪي جي ڪمن جو حڪم ۽ برائي کي روڪڻ ۾ مشهور هئا، ان معاملي ۾ پنهنجي جان جي بہ پرواهہ ڪونہ ڪندا هئا. هڪ ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جامع مسجد وڃي رهيا هئا تہ وقت جي خليفي جا ڪجھ ملازم شراب جا مٽَ نهايت ئي احتياط سان مٿي تي کنيون پئي ويا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جڏهن انهن ڏانهن ڏٺو تہ جلال ۾ اچي ويا ۽ ان مٽڪن کي پڃي ڇڏيائون. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي رعب ۽ بزرگي جي سامهون ڪنهن ملازم کي ڪجھ ڪڇڻ جي جرئت نہ ٿي، يعني ڪجھ ڳالهائي بغير خاموشي سان هليا ويا تہ انهن وقت جي خليفي (يعني ان وقت جي بادشاهہ) جي سامهون هن واقعي جو اظهار ڪيو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خلاف خليفي کي اُڀاريو، تہ خليفي چيو تہ سَيّد مُوسيٰ (رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه) کي فوراً منهنجي دربار ۾ پيش ڪيو. جيئن تہ حضرت سَيّد مُوسيٰ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دربار ۾ تشريف ڪٺي آيا. خليفو ان وقت غصي ۾ ڀريل ڪرسي تي وينو هو، خليفي هڪل ڪري چيو: توهان ڪير ٿيندا آهيو جو منهنجي خليفن جي محنت کي ضايع ڪيو؟ حضرت سَيّد مُوسيٰ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: مان مُحتسب (يعني شريعت جي خلاف ڳالهين کان منع ڪرڻ وارو) آهيان ۽ مون

پنهنجو منصبي فرض نبھايو آھي، خليفي چيو: توهان ڪنهن جي حڪم سان مُحتسب مُقَرَّر ڪيا ويا آهيو؟ حضرت حضرت سَيِّد مُوسيٰ جنگي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رعبدار لهجي ۾ جواب ڏنو: جنهن جي حڪم سان تون حڪومت ڪري رهيو آهين يعني الله تعاليٰ مون کي مُحتسب مقرر ڪيو آهي تہ مان توهان جو احتساب ڪيان ۽ توهان کي برائين کان روڪيان. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن ارشاد تي خليفي تي اهڙي رِقّت طاري ٿي جو گوڏن تي متو رکي ڪري ويهي رهيو ۽ ٿوري دير کان پوءِ متو کڻي عاجزي ڪندي چيائين: حضور! اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ گناهن کان روڪڻ کان علاوه مٽڪن کي ٽوڙڻ ۾ ڪهڙي حڪمت هئي؟ فرمايائون: توهان جي حال تي شفقت ڪندي پڻ توهان کي وڏيڪ دنيا ۽ آخرت جي رسوائي کان بچائڻ جي خاطر. خليفي تي سندن هن حڪمت پري گفتگو جو وڏو اثر پيو ۽ متاثر ٿي عرض ڪرڻ لڳو: سائين! توهان منهنجي طرفان بہ مُحتسب جي عهدي تي فائز آهيو يعني مون بہ توهان کي محتسب بڻايو آهي. حضرت چو تہ غوث پاڪ جا والد هئا، مُتَوَڪّلاڻي انداز سان فرمايائون: جڏهن مان الله جي طرفان مامور (يعني َمقرر ڪيو ويو) آهيان تہ پوءِ مون کي خلق (يعني مخلوق) پاران مقرر ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. انهي ڏينهن کان وٺي پاڻ ”جنگي دوست“ جي لقب سان مشهور ٿي ويا.

(سيرتِ غوث الثقلين، ص 52)

الله رَبُّ العِزَّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ملفوظاتِ امير اہل سنت، 1/458-460)

سوال: مدني چينل تي هڪ نعرو لڳايو ويندو آهي: ”دما دم دَست گير“ اُن جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: دم جي معنيٰ آهي ساهه تہ ان جو مطلب ٿيو ساهه بہ ساهه منهنجا غوثِ پاڪ آهن يعني هر هر ساهه ۾ منهنجي غوث پاڪ جو ذڪر آهي. دم جو هڪ مطلب وقت بہ هوندو آهي تہ ان جي مطابق مطلب هي ٿيو تہ هر وقت غوث پاڪ جو ذڪر آهي. (ملفوظاتِ امیر اہل سنت، 517/2)

سوال: غوثِ پاڪ حضرتِ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو فرمان آهي:”منهنجو هي قدم تمام ولين جي گردن تي آهي“ اُن جو ڇا مطلب آهي؟

جواب: بغداد شريف ۾ جڏهن منبر تان هي واقعو ٿيو ۽ مرشدِ پاڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو تہ ” قَدَمِيْ هٰذِهٖ عَلٰى رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ الله يعني منهنجو هي قدم هر وَلِيُّ الله جي گردن تي آهي. “ تہ سڀ کان پهرين حضرت شيخ علي بن هيتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪو غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو سڀ کان پهريون خليفو آهي (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت ، ص402) هي اڳتي وڌيو ۽ سندن قدم پنهنجي گردن تي رکي ورتائون. ( بہجۃ الاسرار ، ص32 ماخوذاً ) اهڙي طرح جنهن وقت هي واقعو ٿيو ان وقت حضور خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خُراسان جي جبلن ۾ عبادت جي لاءِ موجود هئا، پاڻ جڏهن غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هي اعلان ٻڌائون تہ عرض ڪيائون: (توهان جو قدم صرف منهنجي گردن ئي تي نہ بلڪ منهنجي مٿي تي بہ آهي ۽ منهنجي اکين تي بہ آهي. (تفريح الخاطر(مترجم)، ص73) ڪجهہ سال پهريان ٽيلي فون ذريعي بيان Relay

(نشر) ٿيندو هو، اڄوڪي دور ۾ Telecast (يعني T.V) جي ذريعي نشر ٿيندو آهي، جڏهن تہ منهنجي مرشد حضرتِ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان روحاني Connection (تعلق) جي ذريعي Relay ٿيندو هو، نہ ڪا تار هوندي هئي ۽ نہ ئي برقي آلات هوندا هئا. ڪجهہ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم پنهنجي آستانن تي ويهي ڪري ماڻهن کي جمع ڪري غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان ٻڌائيندا هئا، غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سراپا ڪرامت هئا، سندن جون ايترين ڪرامتون آهن جو ٻي ڪنهن وليءَ جون ايترين ڪرامتون نٿيون ملن. غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مجلس ۽ سندن وعظ جي ڌوم ڌام هئي جنهن جون ڏکيون روايتون آهن.

بهرحال! غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو قدم اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم ظاهري طور بہ پنهنجي گردن تي قبوليو ۽ باطني طور بہ، قيامت اچڻ تائين ايندڙ تمام اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي گردن تي بہ سندن قدم آهي.

(مرأة المناجيح، 8 / 268 ماخوذاً)

سَروں پر جسے لیتے ہیں تاج والے
تمہارا قَدَم ہے وہ یا غوثِ اَعظم

(ذوقِ نعت، ص 183)

(ملفوظاتِ امير اہل سنت، 4/347-348)

سوال: غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي غريبن سان محبّت جو ڪو واقعو ٻڌايو.

جواب: منهنجي مرشد پاڪ، شهنشاه بغداد حضور غوث اعظم دستگير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حج جي زماني ۾ هڪ محلي ۾ رڪيا ۽ وڏو عجيب و غريب حڪم ڏنائون تہ ”سڀني ڳوٺ مان جيڪو سڀ کان

وڏيڪ غريب گهر هجي اُن کي ڳولهيو!“ جڏهن ڳولهيو ويو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان غريب گهراڻي کان سندن گهر ۾ رهڻ جي اجازت گهري، انهن ماڻهن جي تہ قسمت جاڳي پئي ۽ انهن دل سان اجازت ڏني، ڳوٺ جي وڏن وڏن ۽ مالدار ماڻهن وڏا وڏا قيمتي تحفا جيئن ڳئون، ٻڪريون، اناج ۽ سون چاندي وغيره جو هڪ انبار نذراني جي طور تي غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو ۽ پنهنجي گهر تشريف آڻڻ جي لاءِ عرض بہ ڪيو، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان غريب جو گهر ڇڏي ڪٿي بہ هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ايترو ئي نہ بلڪ پاڻ اُهي سڀئي تحفا ان غريب گهراڻي کي عطا فرمائي ڇڏيائون ۽ سحري جي وقت اتان تشريف وٺي هليا ويا. ايئن منهنجي مرشد غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي رات جو ڪجهہ حصو گذارڻ جي برڪت سان اهو غريب گهراڻو مالدار ٿي ويو. (اخبار الاخيار ، ص18)

هن روايت مان هي مدني گل مليو تہ اسان جو غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه غريبن سان تمام گهڻي محبت رکندو هو، ان ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ غريبن سان محبت ڪيون ۽ انهن کي لوڏڻ کان بچون. اسان جي گهر دعوت ٿي تہ پهريان غريب جي اڳيان کاڌو رکون ۽ ان کي عزّت ڏيون. اسان وٽ غريبن جي ترڪيب ٿوري اُبتي هوندي آهي، انهن ويچارن کي ڪير لفٽ ناهي ڪرائيندو، پر جيڪڏهن ڪو مالدار سيٺ هجي تہ ان جي خوب خوشامد ڪئي ويندي آهي، حالانڪ سيٺ هڪ نماز بہ نہ پڙهندو هوندو، جمعي جي (نماز) بہ بهانو ٻڌائي ڇڏي ڏيندو هوندو، جڏهن تہ غريب پنج وقت نماز پڙهڻ وارو هوندو ۽ ان جي پيشاني تي نماز جو نشان بہ

جڳمڳائي رهيو هوندو، پر ان کي ڪابہ لفت ناهي ڪرائي ويندي. جيڪڏهن اسان ڪنهن غريب سان اهڙو سلوڪ ڪيو ۽ ان کي قيامت واري ڏينهن ڪو مقام ملي ويو تہ پوءِ اسان ڇا ڪنداسين؟ اسان سيني کي غريبن جو خيال رکڻ گهرجي. (ملفوظاتِ امیر اہل سنت، 368/4)

کبھی تو غریبوں کے گھر کوئی پھیرا! ہماری بھی قسمت جگا غوثِ اعظم
(وسائلِ بخشش، ص 552)

سوال: غوث پاڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪا ڪرامت ٻڌايو.

جواب: حضرت شيخ اسماعيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ڪجي جا وڻ هئا جيڪي چئن (4) سالن کان خُشڪ هئا ۽ انهن تي ميوو (Fruit) نہ لڳندو هو، هڪ ڀيري شهنشاهِ بغداد حضورِ غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اتي تشريف وٺي آيا ۽ انهن مان هڪ وڻ جي هيٺان وُضو فرمايائون ۽ ٻي وڻ هيٺان ٻہ رڪعتون نماز ادا فرمائي، جنهن جي برڪت سان ڏسندي ئي ڏسندي ٻئي وڻ ساوا ٿي ويا ۽ انهي هفتي ان تي ميوو بہ نڪري آيو حالانڪ ميووي جي موسم نہ هئي. انهن وڻن جون ڪجھ ڪجورون حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ پيش ڪيون ويون، پاڻ کائڻ کان پوءِ دعا ڪيائون تہ حضرت شيخ اسماعيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زمين، ڪٽڪ، پئسن ۽ جانورن ۾ برڪت ئي برڪت ئي ٿي وئي. ( بہجۃ الاسرار، ص91 ) هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ الله جي نيڪ ٻانهن جي دعا ۾ برڪت هوندي آهي ۽ نيڪ ٻانها ماڻهن جون مشڪلاتون حل ڪندا آهن. هي بہ ياد رکو تہ اسان کي الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن کان صرف دنيا جي بهتري جي

دعا نہ ڪرائڻ گهرجي بلڪ دنيا سان گڏوگڏ آخرت جي ڀلائي، بري خاتمي کان حفاظت ۽ جنت ۾ بي حساب داخل ٿيڻ جي دعا بہ ڪرائڻ گهرجي، الله پاڪ اسان کي قرآن ڪريم ۾ وڏي پياري دعا سيکاري آهي جنهن ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي گهرڻ جو ذڪر آهي، جيئن تہ ارشاد ٿئي ٿو. رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾ (پ 2، البقرة: 201) ترجمو ڪنزالايمان: اي رب اسان جا! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ (ملفوظات اميرِ اہلِ سنّت، 410/4)

سوال: غوثِ پاڪ حضرتِ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو 1000 نفلَ پڙهندا هئا. ڇا هي پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي ڪرامت ۾ شمار ٿيندو؟

جواب: جي ها! ان ڪري جو عام ماڻهو 1000 رڪعتون نفل نٿو پڙهي سگهي، رات ختم ٿي ويندي، هيءَ ڪرامت آهي، بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جو **”هڪ رات ۾ پورو قرآن ختم ڪري وٺڻ، هڪ پير تي بيهي ڪري سڄو قرآن ختم ڪري وٺڻ ۽ روزانو 30 هزار پيرا درود پاڪ پڙهي وٺڻ“** هي سڀ ڪرامتون آهن، حضرت مولا علي مشڪل ڪشاء رَضِيَ اللهُ عَنْه جڏهن گهوڙي تي ويهڻ لاءِ ايندا هئا تہ هڪ رڪاب کان ٻي رڪاب ۾ پير رکڻ جي وقفي تائين سڄو قرآن ڪريم ختم فرمائي وٺندا هئا، (بخاری، 2 / 447 ، حديث : 3417) (مرقاة المفاتيح ، 9 / 706 ، تحت الحديث : 5718)
حالانڪ هي هڪ سيڪنڊ جو وقفو هوندو. هي سڀئي ڪرامت هئي. حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام معمولي وقفي ۾ سڄو ”زَبُور شريف“ ختم ڪري وٺندا هئا، حالانڪ قرآن ڪريم جي مقابلي ۾ ”زبور

شريف“ جي موتائي شايد کيترائي ڀيرا وڏيک هئي. (فتاویٰ رضویہ ، 7 / 477 ماخوذاً) هي پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جو معجزو هو. (ملفوظاتِ امیر اہل سنت، 5/33-34)

سوال: اهو واقعو ارشاد فرمايو جنهن ۾ غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مال ۽ دولت جي ٿيلهين مان رَت ڪڍيو هو؟

جواب: هڪ ڀيري هڪ خليفو غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وٽ نظراني طور اشرفين جون ڏھ ٿيلهيون کڻي آيو، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايائون: ”مان هنن جي حاجت نٿو رکان“ ۽ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون ان وڏي عاجزي سان عرض ڪيو، تڏھن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ ٿيلهي ساڄي هٿ ۾ کنئي ۽ ٻي ٿيلهي کاٻي هٿ ۾ کنئي ۽ ٻنهي ٿيلهين کي هٿ سان نپوڙيائون تہ انهن ٻنهي ٿيلهين مان رت وهڻ لڳو، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: ”اي ابُوالمُظَفَر! ڇا تو کي الله جو خوف نٿو ٿي جو ماڻهن جو رت وٺو ٿا ۽ منهنجي سامهون آڻيو ٿا.“ اُهو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي اها ڳالھ ٻڌي حيراني جي عالم ۾ بي هوش ٿي ويو.
(بہجۃ الاسرار، ص120 ) (ملفوظاتِ امیر اہل سنت، قسط: 176، ص 6)

سوال: حضور غوث اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي وڏيک کا ڪرامت ٻڌائي ڇڏيو. (هي سوال شعبي قائم ڪيو آهي)

جواب: هڪ ڀيري ڪجھ اهڙا ماڻهو حاضر ٿيا جن جي سوچ اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جي باري ۾ چڱي نہ هئي ۽ ٽوڪرا کڻي ڪري اسان جي غوث اعظم حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ پڇيو: هن ٻنهي ۾ ڇا آهي؟ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي ڪرسي تان لهي ڪري هڪ ٽوڪري تي هٿ مبارڪ رکي فرمايائون: هن ۾ بيمار ٻار آهي، پوءِ پنهنجي پٽ حضرت شيخ

عبدالرزاق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ان جي کولڻ جو حڪم ڏنو، جڏهن اهو ٽوڪرو کوليو ويو تہ ان مان واقعي هڪ بيمار ٻار نڪتو جيڪو معذور هيو، پاڻ ان کي پڪڙي ڪري فرمايو: ”قُمْ بِاِذْنِ الله يعني الله پاڪ جي حڪم سان اُٿ“ تہ اهو اٿي بيهي رهيو، پوءِ پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ٻي ٽوڪري تي هٿ رکي ڪري فرمايائون: هن ۾ صحت مند ٻار آهي، پوءِ ان ٽوڪري کي کولڻ جو حڪم ڏنائون جيئن ئي ٽوڪرو کوليو ويو تہ واقعي ان ۾ هڪ صحت مند ٻار نڪتو ۽ اهو اٿي ڪري هلڻ لڳو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اها ڪرامت ڏسي ڪري انهن ماڻهن پنهنجي بري سوچ کان توبہ ڪري ڇڏي. (بهجة الاسرار، ص 124)

هن حڪايت مان معلوم ٿيو: ❀ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جو وڏو شان آهي ❀ الله ڪريم هنن کي اهڙي طاقت عطا فرمائي آهي جو هُو ٽوڪري کي کولي بغير اهو ٻڌائي سگهن ٿا تہ هن جي اندر ڇا آهي؟ ❀ اهي جڏهن چاهيندا آهن الله پاڪ جي عطا سان بيمارن کي چڱو ڀلو ڪري ڇڏيندا آهن ❀ اهو شخص نهايت برو آهي جيڪو الله پاڪ جي اولياءِ ڪرام رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِم جي باري ۾ غلط سوچ رکي ٿو. الله پاڪ اسان کي اهڙي غلط سوچ کان بچائي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت، 366/4)

سوال: غوث پاڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو خواب ۾ ديدار ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟

جواب: جنهن شيءِ جو وڏيڪ ذڪر ٿي ۽ جنهن شيءِ کي اسان وڏيڪ ياد ڪيون تہ ڪيئي ڀيرا ايئن ٿيندو آهي تہ اهي شيون خواب ۾ بہ

اڇي وينديون آهن. انهي ڪري غوث پاڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو تذڪرو ڪيو، انهن کي ياد ڪيو، ڪين ايصال ثواب ڪندا رهو ۽ ان جي نقش قدم تي هلندا رهو، ان شاء الله ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪرم تي ئي ويندو.

(ملفوظاتِ امير اہل سنت، 305/4)

سوال: ڇا غوث پاڪ جي تصوير گهر ۾ لڳائي سگهون ٿا؟

جواب: نہ ٿا لڳائي سگهون. غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي جيڪا تصوير ٻڌائي وڃي ٿي اها خيالي تصوير آهي جنهن ۾ ڏاڙهي بہ ننڍي ڏيکاري وئي آهي جيڪڏهن ڏاڙهي پوري بہ ڏيکاري وڃي تڏهن بہ ڪنهن جي تصوير کي فريم ۾ بند ڪرائي گهر ۾ لڳائڻ گناهہ آهي، پنهنجي ماءُ پيءُ جي يا پنهنجي پيرصاحب جي تصوير بہ نہ ٿي لڳائي سگهجي. ڪجھ ماڻهو جانورن مثلاً گڏھ، گهوڙي وغيره جون تصويرون سجاوٽ طور لڳائيندا آهن، اُهي بہ نٿا لڳائي سگهون، گهر ۾ جاندار جي تصوير لڳائڻ سان رحمت جا فرشتا ناهن ايندا.(بخاری،385/2، حدیث:3225 ماخوذاً) جيئن تہ سائي گنبذ ۽ ڪعبي شريف جي تصوير لڳائي سگهون ٿا، پڻ ٽي وي تي جيڪا تصوير نظر ايندي آهي ان کي ڊيجيٽل فوٽو چوندا آهن اهي شُعاع آهن جيڪي نظر ايندا آهن ۽ هليا ويندا آهن، هي اها تصوير ناهي (جيڪا منع آهي) اهڙي طرح آئيني ۾ جيڪو عڪس نظر ايندو آهي اهو بہ تصوير جي حڪم ۾ نہ آهي.

(T.V ۽ مووي ، ص24 ) (ملفوظاتِ امير اہل سنت، قسط: 157، ص ، 7)

سوال: ”غوث اعظم جو ٻانهو“ چوڻ ڪيئن آهي؟ جڏهن تہ ٻانهو تہ الله جو ئي هوندو آهي.

جواب: ڪو حرج ناهي! ٻانهي جون ڪيتريون ئي معنائون آهن، مثلاً خادم، غلام، آدمي. پڻ پنجابي ۾ تہ آدمي کي ٻانهو چوندا آهن، پر اعتراض صرف ”غوث جو ٻانهو“ چوڻ تي ئي ڇو؟ (هن موقعي تي مفتي صاحب فرمايو:) مستدرڪ للحاڪم جي حوالي سان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديث نقل فرمائي آهي تہ حضرت سيّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيءَ مبارڪ زندگي ۾ سندن خادم ۽ ٻانهو هيم. (مستدرک حاکم، 332/1، حدیث: 443 ـفتاویٰ رضویہ، 667/24 )
(ملفوظاتِ امیر اہل سنت، قسط: 188، ص 3)

سوال: ياسيّدي هن شعر جي وضاحت فرمايو.

تیری سرکار میں لاتا ہے رضا اُس کو شفیع
جو مرا غوث ہے اور لاڈلا بیٹا تیرا
(حدائقِ بخشش، ص 18)

جواب: هن شعر ۾ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪري رهيا آهن تہ يَارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان توهان جي بارگاهہ ۾ اُن هستي (شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) جي سفارش ۽ وسيلو پيش ڪري رهيو آهيان جيڪو منهنجو تہ غوث يعني فرياد ٻڌڻ وارو ، همدرد ۽ غم خوار آهي، پر توهان جو ٻچڙو آهي. اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي ٻچڙي جي صدقي منهنجي بگڙيل سنواري ڇڏيو. (ملفوظاتِ امیر اہل سنت، 262/4)

سوال: حضور غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو عُرس مبارڪ ڪهڙي تاريخ تي ٿيندو آهي؟

جواب: سيّدي و مرشدي حضور غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني

رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه جو وصال باڪمال 11 ربيعُ الآخر تي ٿيو هو. (تفريح الخاطر(مترجم)، ص154) انهي ڪري هن تاريخ تي سندن عرس جو ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي ۽ ايصال ثواب ڪيو ويندو آهي. اسان هنن 11 ڏينهن ۾ مدني مذاڪرو ڪري رهيا آهيو جنهن جي ذريعي نيڪي جي دعوت پهچي رهي آهي ۽ علمِ دين حاصل ٿي رهيو آهي، ان شاءَ الله ڪيترا ئي ماڻهو نيڪي جي رستي تي اچي ويندا ۽ گناهن کان تائِب ٿي ڪري نمازي بڻجي ويندا. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 306/4)

**جيلاني نسخو:** ربيعُ الغوث جي يارهين رات تي ٿي ڪارڪون ڪٽي ڪري هڪ پيرو سورة الفاتحہ هڪ پيرو سورة الاخلاص، پوءِ يارهن پيرا يَاشَیۡخ عَبۡدَ القَادِرجیلانی شَیۡئًا لِلّٰهِ اَلۡمَدَد (اوّل آخر درود شريف) پڙهي ڪري دم ڪيو، ان کان پوءِ اهڙي طرح ٻي ۽ ٽي ڪارڪ تي به پڙهي ڪري دم ڪري ڇڏيو، هي ڪارڪون راتو رات کائڻ ضروري نه آهن جيڪو چاهي جيڏي مهل چاهي جهڙي ڏينهن چاهي کائي سگهي ٿو، اِن شاءَ الله پيٽ جي هر طرح جي بيماري جي لاءِ مفيد آهي. (جنات کا بادشاہ ، ص 20)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" إِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. إِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net